
# منهنجو نگر ڪهڙو.....؟



موهن گيهاڻي

# منهنجو نگر ڪهڙو ....؟

MUHINJO NAGAR KAHIRO ....?

(ڪوتائون)

ليکڪ

موهن گيهاڻي

سورٺ پبليڪيشن 41/3، آدرش نگر، ممبئي 400018
سال 2001

ارپڻ

پنهنجي پياري دوست
سدا حيات

عطا محمد سنڌيءَ کي

موهن گيهاڻي

# منهنجو نگر ڪهڙو ....؟

(ڪوتائون)

ليکڪ :

موهن گيهاڻي

3/2A رتن نگر، 4 بنگلو روڊ

وارسووا، ممبئي 400058

انڊين هاءِ اسڪول

پوسٽ باڪس 106

دبئي ـ گڏيل عرب رياستون

ڪاپيون : 500

قيمت : 50 روپيا

سال : جنوري 2001

ڪور ڊزائين : بي. اين. پنوار

ڪمپوزنگ : ايس. سارنگ

ڇپائيندڙ : سورٺ پبليڪيشن 41/3، آدرش نگر، ممبئي 400018

# MUHINJO NAGAR KAHIRO ....?

(Poems)

**Author:**

Mohan Gehani

2A/3 Ratan Nagar

4 Banglow Rd., Varsawa.

Mumbai 400058

Indian High School

P. O. Box -106

Dubai (UAE)

Copies: 500

Price: Rs. 50 -

Year: January 2001

Cover Design: B. N. Panwar

Composing: S.Sarang

Publisher: Sorath Publications, 3/41, Adarsh Nagar, Mumbai. 400018

# " اورانگهہ نہ "

موهن گيهاڻيءَ جون هيءُ ڪوتائون، ساهتيہ ۾ وري هڪ موڙ ٻڌجي آيون آهن. سروتا اُڇلائڻ وارا ڪوي، اشليل لفظ ڪم آڻڻ وارا ڪوي، ڪافي_هائوس ۾ سنگيت ٻڌڻ وارا ڪوي، چڻ ڪا ڪنڊ وٺي وڃي وينا آهن. ڪي ڳجهہ ڳجهاندڙ ڳالهيون ڪرڻ وارا بہ، پاڻکن تائين شايد ئي پهتا آهن.

”ڪوتا“، ڪويءَ ڪان گهڻو ڪجهہ طلبي ٿي، معنيٰ پريءَ نهار سان گهري ٿي وٺي. فن ۽ فڪر جون ڪي بہ مرياداڻون، ڪوتا ۾ ڪونهن، تڏهن بہ ڪوي پاڻ ڪٿي بينو آهي، ڪٿي پهتو آهي، پاڻکن ڪي کهڙيءَ ڪنڊ وٽ وڃي بيهاريو اٿس، سي ياو، سي وهڪرا، سي غبار، سي ترورا، اَج ۽ اساٿ، سا لرز، ڪوتا جو جسم بہ ٻڌجي ٿي، سڃاڻپ پڻ.

- " شڪر آهي
  اڃان اڪين جي ٻولي ڳالهائڻ لاءِ
  من وائڪا آهن"

- "معنيٰ تہ زندگيءَ مان
  ڳولهڻي پوندي آهي."

- " هڪ بادشاهہ هو
  ڏاڍو غريب هو"

غريبي ب تہ بادشاهت آهي. جيڪا بادشاهہ نہ ماڻي سگهندا آهن. بادشاهيون ختم تہ ٿي ٿي وينديون آهن. غريبيون ڪڏهن بہ نہ. جن وٽ، هٿ ۾ ڪروڙ هوندو آهي، اهي غريب ئي آهن. هونءَ غريبيءَ جو پلئہ تمام وڏو آهي، لامحدود. بادشاهيون آڌ ڪان محدود رهيون آهن.

- "منهنجو نگر ........
  منهنجو نگر ڪهڙو؟"

- "ٿهڪن جا ٽڪرا تارن جيان پکيڙيندو
  ڊوڙندو ويو"

- "مونکي انتظار آهي
  ڪن برجستن فيصلن جو"

سنڌيءَ ۾ اسان وٽ نئين ڪوتا جو پيو هڪ الڳ اڏياءُ جڙي رهيو آهي. گهڻي وقت جي پڙاوَ کان پوءِ، الجهي سُلجهي ، ڪي نوان آواز سرڻ پرڻ لڳا آهن، هو ڪيترو دور هن پنڌ ۾ هلي سگهندا. اهو تہ ظاهر ٿي بيٺو آهي تہ ڪيترا ڪوي، پاڻ کي دهرائي رهيا آهن. سڪوڙجندا ويا آهن. ائين تہ موزون شاعريءَ ۾ بہ. ساهتيہ جي هر صنف ۾ بہ، ڪلا جي هر وڏا ۾ بہ، اهڙو هڪ دؤر ضرور ايندو رهيو آهي. اها بہ رچنا پرڪريا ئي سمجهڻ گهرجي.

- ”پوءِ اڄ تہ
ھڪ ٻئي جي پاڇي ۾
رنگ ڀري
ڪجھہ وقت گذارجي
ڪوشش ڪريون“

اڄو تہ نئين ھٻڪار ڪي خوش آمديد چئون، پيار، قرب، ڪي ڀاونائون، ڪي ڀنل گھڙيون ئي آھن. ڪي بہ حدون ڪونھن. گم ٿي وڃبو آھي. موتي اڄبو آھي ڇرڪ ڀري.

چائنٽ تي بيھي، ڪرٽن ڪي اندر اچڻ لاءِ، ڪنڌ جي لوڏ سان سڏي ونون. ننڍڙا ننڍڙا سھڻا پکي ٽپ ٽپ ڪري ڪڏندا آھن، پوءِ اڏري ويندا آھن، رنگ پکيڙي ويندا آھن، ڪڏھن ھڪ منو تي، شونيہ ۾ ڏسندو رھڻ ڪي بہ، پنھنجو لطف تيندو آھي، جڙي وجبو آھي شانت آراڏنا سان. توھان ڪوتائون الائي ڪئن پڙھندا آھيو. زندگيءَ ڪي ماٽڻ جا مزاج بہ الڳ الڳ تين.

سنگيت ۽آلاپ، خلائن ۾ سمائجي ويندو آھي. لفظن ڪي ڇھي سگھڻ جي سگھہ ايتري آھي، ڪو پولار جڙي پوندو آھي. بوند بوند وڏ ڦڙو وسڻ لڳندو آھي. ڪندن وٽ اکين جي آلاڻ سڪ ڏيندي آھي.

◆ ”ءَ

آئي

برسات آئي“

◆ ”سڀ بيوقوف هئا .......“

◆ ” مان موڳو رهجي ويس“

ڏاڏي ۽ پوٽي جو ٻہ هڪ جدا جهان آهي، پل پل ماٺڙ جهڙو. ٻالپڻ کي وري چِھڻ، ڪنهن ڪنهن کي ئي ايندو آهي. زندگيءَ جي شام. سج جو ايرڻ ۽ لهڻ، توهان ٻہ تہ پاڻ ۾ پيهي، ڏٺو هوندو.

◆ ” تڪڙو ڊوڙ ........

” تڪڙو ڊوڙ ........

” تڪڙو ڊوڙ ........

ڪوشش ڪريان پيو“

◆ ” تڪڙو ڊوڙي

هنج ڪنيو مانس“

◆ ”ڏاڏا! توکي خبر آهي

هيءُ ڪانءُ منهنجو سٺو دوست آهي“

ڏاڏي ۽ پوٽي جون ، ڇهريون ڇهريون ڳالهيون آهن، ڪيترن ئي ڪوتائن ۾. اها نواڻ آهي، هن ڪوتا سنگرهه جي.

- "مان ڏاهو ٿيندس
ڪيٿو نہ ڪندس
مان سٺو ٻار آهيان
ڏاڏا مان رانديڪا نہ وٺندس
ڏاڏا هي رانديڪو وٺي ٿو
توکي وٺي ٿو "
"ها"
" تہ ڏاڏا تون ڪٿي وٺ
راند ڪندين ڏاڍو مزو ايندو"

ڪجهہ نہ چئي بہ، چوڻ جو ڏانءُ شاعري آهي. ڪويءَ ڪي جيڪي ڪجهہ چوڻو آهي، اهو ارٿ سندس لفظن مان ظاهرڪونهي، لفظن مان سمجهڻو آهي. توهان ڪيترو ڪجهہ ۽ ڪئن ڪئن سمجهڻ جي يوگيتا ٿا رکو، توهان پلي ڪجهہ بہ نہ سمجهو، پنهنجي پنهنجي سوچ آهي، ڀاونا آهي، ڪروٺا آهي، محدودگي بہ آهي.

روشنيءَ ۽ اونده ڪي ڪيترا ئي عڪس آهن، ملهہ آهن، مرم آهن. پٽ تي پيل شيءِ ڏانهن ڪنهنجو خيال ئي نہ ويندو آهي، ڪو ڏسي بہ اڳتي وڌي ويندو آهي، ڪو ڪٿي وٺندو آهي، هر انسان وٽ الڳ الڳ احساس آهي.

ڪوتا ڪي سمجهڻ، ڪويءَ ڪي سمجهڻو آهي، هر ڪوئي، ڪنهن ٻئي ڪي، سمپورڻ ريت تہ سمجهي بہ نہ سگهندو. پاٺڪ جو اڪثر، ڪنن ڪي وڻندڙ ۽ چلڪڻن لفظن ڏانهن ڌيان هليو ويندو آهي، سڀاجهن ، شانت، معصوم رنگن ڪي هرڪو اورانگهي هليو ٿو وڃي.

**ارجن حاسد**

هڪ آواز
ازل کان
ڇڻ پٽڪو

آهستي .. آهس - تہ - ي
هر پل
وڌي
گونج بڻجي
منهنجي وجود سان
ٽڪرائجي
مينهن جيان وسيو
منهنجي روح ۾
"امان" .

هڪ احساس
سونهن جو
ترپتيءَ جو
گلن جي رنگ جو
خوشبوءَ جو
پکين جي لاتين جو

سنجها ويل
واپس ورندڙ
ڳاين جي ڳلي ۾ وڄندڙ گهنڊڙين جو
افق تي ڦهلجندڙ
انوکن رنگن جو
مند جي
پهرين بادل مان
وسندڙ ڦڙن جو
مٽيءَ جي خوشبوءِ جو

شانت رات
سمنڊ جي ڪناري

چِپڪ - چِپڪ - چِپڪ
ڪندڙ لهرن جو
سهائي رات ۾
آسمان ۾ لٽڪيل فانوس جو

ماڪ ۾ پنل رات جي
چادر ڪي
ٽوپا ڏيندڙ تارن جي ڊگهين آڱرين جو
اکين جي عميق جي گهرائيءَ جو
چپن جو
جهومندڙ
اندلٺ جو

هي سڀ احساس
۽ ان ڪان بہ ڪجھہ وڌ
سمايل آهن
هڪ لفظ " ڪراچي " ۾
ڪراچي منهنجو شهر ۔

※

*

سامهون خالي پنو
ڪوتا ڪي اچڻ جو نوتو؟
اکيون شونيه ۾
ڪجهه ايڪسري ڪن ٿيون
ذهن ۾ ڪيترا نقش
رنگين لغزن جيان اڀرن ٿا
ڪنهن جوالا مکيءَ جي
لاوا جيان ڪي ڀاو چمڪن ٿا
لفظ ڪن پهلوانن وانگر
پيچ وجهن ٿا.
ذهن تي ڪارا بادل ڇائنجن ٿا
۽
آئي
برسات آئي

*

⁕

هن چيو
” ڪتنب ۽ ٻارن ۾ اتي موھ اٿم
سندن تر جيترو ڏک پڻ برداشت نہ
ٿيندو اٿم .
اهي اصول ڪهڙي ڪم جا
جن ڪري
ٻارن ۽ ڪتنب کي ڀوڳڻو پوي“
چيومانس،
” جيڪڏهن آزاديءَ جي
جنگ لڙڻ وارا
پڻ ائين سوچين ها تہ ..“
وراڻيائين
” سڀ بيوقوف هئا ..“

⁕

※

مان ٻڌي رهيو آهيان
اها خبر دنيا ۾ طوفان جيان ڦهلجي ويئي
عالمي سطح تي
مونکي بچائڻ لاءِ
ماهرن جي بچاءُ  ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي
سمنڊ جي اونهائي ماپي ويئي
زيرآب زمين جا نقشا تيار ڪيا ويا
الڳ الڳ سطحن تي وهڪرن ۽ اُلٽ وهڪرن جا
انگ اکر گڏ ڪيا ويا.
سيٽلائيٽ ذريعي ايندڙ ڪيترن ڏينهن تائين
هوائن جي رُخ رفتار ۽ دٻاءُ جا
تفصيل گڏ ڪيا ويا.
سڀ تفصيل ڪاميپوٽر ۾ فيڊ ڪيا ويا
مونکي بچائڻ لاءِ الڳ الڳ طريقا سوچيا ويا.

ڪامپيوٽر جواب ڏنو

” هن جو بڏڻ اڻٽر آهي. “

ماهرن آئت ڏنو

گهبراءِ نہ تنهنجي موت بعد

هر شهر ۾ شوڪ سڀائون ٿينديون

تنهنجا پتلا ٺهندا

تون هائي خوشيءَ سان

نشچنت ٿي

مري سگهين ٿو.

※

*

انڌن جي اکين جي سونهن
جي ساراهه جون سرڪيون پرڻ،
ٻوڙن جي ڪن رس
جي واکاڻ
گونگن جي فصيح زباني تي
واه واه.
لنگڙن جي ڊوڙ ۾ ڪٽڻ
تي تاڙيون وڄائڻ
۽
گيت لکڻ
ڪنهن سياڻي (!) استاد
نه سيکاريو

ڪلدار جي جهنڪار جو
وزن / بحر
هٿ نه اچي سگهيو
۽
مان "موڳو" رهجي ويس.

*

مان
تنهنجي پيرن هيٺان
زمين جيان وڇايل آهيان.
تون ساهي پٽي
ڦڦڙن ۾ خوب هوا ڀري
ڏکيا ساهه کڻي
ساهه روڪي
ڊوڙ پائي -
(هڪ ڏکي ڊوڙ)
مونکي
هميشهه
پنهنجن پيرن هيٺان پائيندين

ياد رک.
زمين ڪڏهن اوچتو
ڏيڻ
۽ ڪڏهن اونهين ڪاهين ۾
بدلجي ويندي آهي.

✻

رامچندر جو ضد
چنڊ آڻي ڏيو
ڪنهن چترائيءَ سان ڪيتو ختم ڪيو ويو
اڄ
هڪ سنڌي ٻار جو ضد
سڀ وئڪيشن ۾ ڳوٺ وڃن ٿا
مونکي ڳوٺ وٺي هلو
سنڌي سيٺ پوٽي جي ڪيتي ڪارڻ
رمز سوچڻ ۾ غلطان .

✻

⁂

نندي هوندي راند ڪبي هئي
پٽ پتائي
سرمي دائي
ري مندئيڙو
تنهنجو نگر ڪهڙو؟
جهٽ پٽ جواب
منهنجو نگر .....
منهنجو نگر ڪهڙو ؟

⁂

منهنجو وجود
هڪ اتفاق جو نتيجو آهي
منهنجو قد
بتُ،
آواز
اکين جو رنگ
چمڙيءَ جو رنگ ۽ روش
سونهن / بدصورتي
سگهہ /بيماريون
سڀ ورثي ۾ مليل آهن.
منهنجو ذهني معيار
پڻ منهنجو پنهنجو ڪونهي
تہ آخر "مان" ڇا آهيان؟
مان ڳولها جاري رکندس
تنهنجي،
هن جي
هُن جي
اکين ۾.

*

سيني گڏ جي ڏمڪي ڏني
ڇو،
سچ چوندس. سچ کان سواءِ
ٻيو ڪجهہ نہ چوندس
منهنجا چپ چريائي هئا
زبان ڪٽي ويئي
چپ سبيا ويا
تالو لڳائي
ڪانڪريٽ سان لنبيا ويا.
منهنجا هٿ مٿي ڪيا
شُڪر آهي
اڃان اکين جي ٻولي
ڳالهائڻ لاءِ
من وائکا آهن.

*

*

چئين ٿو
ڳالهه سڌي ڪر
ور ورڪڙ ڇڏي ڏي!
مان
تلوار جي ڌار تي
زبان رکي ڳالهائيندس
ڇاڻ اٿم
ڪٿجي ويندي
مان زبان ڏيان ٿو
ڇا
تون ڪنُ ڏيئي سگهندين؟

*

⁂

نيم سان هر روز
ڪئلينڊر جي تاريخ بدلائيندو آهيان
اڄ
ڪيترين ئي تاريخون هڪ ٻئي سان چنبڙيل ڏسان ٿو
ازخود پيپر ڪٽر ڏانهن
هٿ وڌي ٿو
پيپر ڪٽر غائب آهي
تاريخون چنبڙيل ئي رهنديون.
هراس جو احساس
طاري ٿيڻ
شروع ٿئي ٿو.

⁂

※

سچ تہ بڻيو نچ
آئون پيو نچان
ايامن کان
پر
ڌهلاري
پروان درن تي !

※

✵

شعاعَ جي شوق
وِچان
ٻنهي پاسن کان
ميڻ بتي ٻاريم
هاڻي
اُڌاري روشنيءَ جي
دَهي ۾ بيٺو آهيان
نظارن جي شوق
ور ور
رستا مٿارايا
ڪنهن منزل تي نہ رسيس
ڪنهن شاهوڪار جيان
ڪِنن کي
سِڪن وانگر ڳڻي
اُپت، کپت ۽ بچت
جو حساب نہ رکيم
پرواهہ نہ آهي،
پيرن ۾
اڃا جنبش آهي
اکين ۾ سپنن ڏسڻ جي سگهہ!

✵

※

مون سدائين
ترقميءَ جي
چوٽين رقم تيئن چاهيو
ان سلسلي ۾
ضربيو ويو آهي
ڪٽيو ويو آهيان
ونڊيو ويو آهيان

※

☀

وگيانيءَ لاءِ
کوجنا ڪندي
ڪنهن راز کلي پوڻ جو
احساس !
هماليہ جي چوٽيءَ تي
پير رکڻ جو
احساس!
برفاني رڻ پٽ لتاڙي
قطب تي پهچڻ جو
احساس !

ڪاميابي ۽ فخر جو
احساس
مونکي تڏهن ٿيو
ڪنهن ٻار جا ڳوڙها اگهيم
سندس چهري تي مرڪ ڏٺم !

☀

※

1 ماءُ جا واکن مٿان واڪا
جلد ڪر گھر هلڻو آهي
تنهنجي منٿ
هڪ لوڏو پينگھہ تي وڌيڪ
صرف هڪ لوڏو ـ وڌيڪ
تو ڇوڏول ڏنو
ماءُ جي آڱر ڇڏائي ڀڄين
ڇيئہ،
صرف هڪ چڪر وڌيڪ
صرف هڪ چڪر وڌيڪ
ڇوڏول تان لهي تو
ڊوڙ پاتي
گسڪڻ ڏانهن
هڪ ڀيرو
صرف هڪ ڀيرو وڌيڪ
اهو سڀ اڳي هو

هاڻي

هڪ بلڊنگ

وڏيڪ

هڪ دُڪان

وڏيڪ

هڪ ايجنسي

وڏيڪ

هڪ ڪروڙ

وڏيڪ

گسڪڻ، گسڪڻ آهي

⁂

※

مونکي

توب جي منهن سان

ٻڌو ويو آهي

توبچي کي حڪم آهي

سج جي پهرين ڪرڻي نڪرڻ تي

توب ڇوڙي وجي

توبچيءَ کي

ننڊ اچي وئي آهي

مونکي

انتظار آهي سج ايرڻ جو!

※

✳

موهن جي دڙي جي نرتڪي
زبان ڪول
ڌرتيءَ جي گرڀ ۾ لڪيندڙ
لاوا جيان
صدين جي خاموشي ڪي چيري
آواز ڪر
اڄ جو شور
حيرت وچان سناٽي ۾ بدلجي وڃي

✳

⁂

سوچن جو ڪاريهر
ڏنگ
هڻي
واريءَ تي
نشان ڇڏيندو، هلندو ويو،
مان جڏهن سرت ۾ آيس
نشان جو پيڇو ڪيم
اتي ڇڻ نانگن جي نشانن جو
چار وڇايل هو
مان وائڙو ٿي
انهن ۾ قيد پيوڳي
رهيو آهيان.

⁂

*

"سنڌي ٻولي زنده آباد
سنڌي جاتي امر رهي"
خوب نعرا لڳارايا وڃن پيا
پنج هزار سال جهوني سڀيتا
جو واسطو وجهي
سنڌي هئڻ
۾ فخر وٺڻ
لاءِ
پرتگيا پتر پڙهايا وڃن پيا
دل ٻڏي ٿي وڃي !
جئيري ته ڪنهنجو مان نه ٿيو آهي.

*

⁂

درين جي شيشن تي
ماڪ
راهه تڪيندي رات
ڏنڏيل اکيون
ڪنهن نار جون !
درين جي شيشن تي
ماڪ
پرڀات ويلي
سنان بعد
چنڊيل وارن جون
ڦينگون !

درين جي شيشن تي
ماڪ
پورهيت جي
پگهريل جسم تي
سونهن!
درين جي شيشن تي
ماڪ
ڪنهن غريب جي
گرم ساهه جو
نشان!

⁂

※

منهنجو نالو
هر گهر
هر ڇونڪ شهر
هر
ڏيهہ ۾ هجي
سنو آهي!
وسيع ميدانن
سرسبز ماٿرين
اونچين چوٽين
گهرن سمندن
مدهوش هوائن
ڦهليل آسمان
جيان
خدا جي نالي
جيان
هرهنڌ ظاهر هجي
خيال ڏاڍو سنو آهي
وٺي ٿو

هن ڌرتيءَ تي

ٻُک

بيماري

مفلسي

ڊنل ٻارن جون

سُجيون اکيون

غليظ بستيون

زهر اوڳيندڙ ڪارخانا

ڳالهہ نٿي وڻي

مان انسان آهيان

مون

خدائيءَ تان هٿ ڪنيو .

⁂

گهڙو پڪو هو

درياهه ماٺيڻو هو

هوا فرحتي هئي

هر ڏس

هر چيز

رواجي هئي

پوءِ پڻ سهڻي وچ سير ۾ ٻڏي ويئي

جڏهن

ميهار چيو

"مونکي پائڻ لاءِ تو ڏم ڪي ڇڏيو

ٻئي ڪنهن کي پائڻ لاءِ مونکي ڇڏي ڏينديئن!"

بس اسٽنڊ تي
قطار ۾ بيٺي بس جو انتظار
چند مسافر چڙهيا
ٻيا ٻيءَ بس جي انتظار ۾..
هو ڪٿان آيو
خبر ئي نہ پيئي
پر ۾ ڪنهن گهورڙي سان ويٺي ڳالهايائين
ٻي بس آئي
ڊوڙ پائي
سڀ کان پهرين چڙهي پيو
سندس چپن تي ڪاميابي جي مرڪ
لکيل هو
"Smart "

*

※

ٿي وي جو چمتڪار
ٻار
ماءُ کي چوي
لولي ڳاءِ
مونکي ٻڌاءِ
"آتي ڪيا ڪندالا.."

※

⁂

ڪو
هيٺو. مظلوم،
ڏمر . ڏهڪاءُ جو
مسلسل شڪار
قد بت ۾ جيتامڙو
ڪنهن ديو قد
ڏاڍي . ظالم
ڏمرواري شخص جي سامهون
ڪڏهن
اڪين ۾ اکيون ملائي
سڌو ٿي
ڇاتي ڪڍي،
بيهي رهي

ڏاڍو
عجب وڇان،
پيشمان ٿي اوڪ رهجي وڃي
اڄ چنڊ پڻ
سڄ ڏانهن ائين نهاريو
سڄ ڪاراٽجي ويو.

(سڄ گرهڻ جي ڏينهن تي)

⁂

*

" ڊڪشنريءَ ۾

لفظن جا

هم معنيٰ لفظ ملندا آهن

معنيٰ تہ زندگيءَ مان

ڳولهڻي پوندي آهي"

ڪولمبس جيان

اوپر پهچڻ لاءِ اولهہ طرف هليو آهيان.

لفظ

پوري تضاد سان

هڪ ٻئي خلاف

شوخ ادا سان بيٺا آهن

۽ اکين ڏمڪائي رهيا آهن

حق - ناحق !

سچ - ڪوڙ !!

*

⁂

شانت رات
كلي
صاف ۽ چٽي آسمان ۾
اوچتو
ڪوتارو
ڪ
ر
يو
هڪ ليڪ
ائين ڦهلي
شيشي ۾
ڏار .

⁂

*

سياستدان
نغاري جيان
چيخي ٿو
رنڀي ٿو .
ڪوي
سارنگيءَ جي تار جيان
لرزي ٿو
سڏڪي ٿو
جوڳي
سپ ڏسي
اکيون بند ڪري
مشڪي ٿو .
مان
ڏنوڻ وانگر
سهڪان پيو
ڏوٿيءَ جيان دکان پيو
جيئان پيو
چڻ
هرپل
مائيان پيو !

*

※

دبئي جا رستا
گاڏيءَ ۾ ويهه
چڙهوا تي هلچل
ٻليءَ جو پونگڙو
نظارن ڏسڻ ۾ محو
ڪن پل ۾
ماس ۽ چم الڳ
رت جون ڦينگون رستي تي
ڦيٿن جو سلسلو جاري
ماس ۽ چم
رستو ڳرڪائي ويو

رستي جي مرمت ٿي رهي آهي
ڏامر جو جهونو ته ڪڍي
نئون ته وجهڻ جو ڪم جاري آهي
ڏامر جي سنوت ڪرڻ لاءِ روڊ رولر
هلي رهيو آهي

مان پاڻ کي
ڏامر جي تهن هيٺ
ڳولهڻ جي ڪوشش ۾ آهيان.

*

⁂

دبئي جا رستا
گاڏي ائين هلي
جئين مکڻ ۾ ڇري،
هڪ ڪبوتر
پنهنجي ٻار کي
اڏا.. م .. ڻ
سيکاري رهيو آهي ...
ڪبوتر جي ٻار جي رستي تي اڏامڻ جي ڪوشش
جاري
هڪ گاڏيءَ جي ڦيٿن جي رفتار
ڪبوتر جي ٻار جي ڪنين جو اڏامڻ
ڦيٿن جو سلسلو جاري
ڪبوتر جو ٻار .........

⁂

※

گاڏي ڪچي سڙڪ طرف مڙي
"ڪٿي؟"
"وڇون ننڍو رستو آهي"
"ننڍا رستا خطرناڪ ٿي سگهن ٿا"
هڪ ٺهڪ
گاڏيءَ جو بيابان مان هلڻ
ڄڻ ڪاريءَ رات ۾ آسمان ۾ ڪنوڻ
هڪ جهٽڪو ۽ ڄڻ ڪنهن آبشار جو
اوچتو بند ٿيڻ.
" ڦيٿو واريءَ ۾ ڦاسي پيو آهي"
جلد ڪا گاڏي ايندي
ڪي برجستا جوان گاڏي آزاد ڪرائڻ ۾ مدد ڪندا
مونکي انتظار آهي
ڪن برجستن فيصلن جو.

※

*

اتهاس جي پيلي پني ۾ لڪل
مان
ڪنهن ڪندھر جي
اونهي ڪوهه جي
زبون ڏاڪن تي
وينو آهيان،
پاڻيءَ جي سطح تي
سينور پتلي ڪانڪريٽ جيان
ڄمي ويو آهي

آس پاس
بي ترتيب بوٽا اڀريل آهن
بانس ۽ گهٽ جو
گڏيل احساس
حواسن تي لڳاتار
حملا آهن

ها، هر پل جلد اٿي
ٻاهر اچڻ تو گهران

پر
ڇڻ ايامن کان وينو ئي آهيان
وينل ئي رهجي ويو آهيان.

✲

مان پنهنجي پاڇي کي
لتاڙڻ جي ڪوشش ڪريان
يا
پير ڇڏائي ڀڄڻ جي ڪريان
نہ ٿيندو ائين

پنهنجي پاڇي جي
ڪاري رنگ ۾
ٻيا رنگ ڀري رنگ برنگي بڻايان
اهو بہ ممڪن نہ آهي

پوءِ اچ تہ
هڪ ٻئي جي پاڇي ۾
رنگ ڀري
ڪجهہ وقت گذارڻ جي
ڪوشش ڪريون .

*

تارن ڀري رات
روشنيءَ جو ٽٽڻ ۽
ڇرڪ ڀري وري هلڻ،
سج ۽ چنڊ جو
سپاهيءَ جيان
لڳاتار قواعد ڪرڻ
ڌرتي ۽ گرهن جو
سج جي چوگرد
لڳاتار
ڪنهن گهاڻي جي ڏڳي جيان
چڪر ڪاٽڻ،
سندن لڳاتار
ڏُک ڊوڙ
سڀ سمائجي ٿو وڃي
گهڙيال جي ڪانٽن ۾

گهڙيال جو آواز آهي.
ٽڪ .. ٽڪ .. ٽڪ ..
دک، دک ، دک.

*

※

هڪ سياڻو ڪانو -
مٽ ۾ هڪ هڪ پٿر وجهي
پاڻي جي سطح مٿي ڪئي
اڄ پوري ڪيائين
پر
جيڪڏهن
پاسي ۾ پٿر نہ هجن ها!
مٽ ۾ پاڻي نہ هجي ها!
....
اڄ تہ
ڪانو جي
سياڻپ جي تلاش ۾
نڪري پئون.

※

*

کالهہ شام
نهي وينس کوتا لکڻ
شفق ڏانهن نهاريم
کنهن کيچلي ٻار
اڻ تڻ وڇان گل پٽي
ترت ٻر تي ڦٽي کيا .
کنور جي ٻاٽل ۾ هٿ وڌائين
ايترو ٻار!
ٻاٽل ٽڪڙا ٽڪڙا
کنور پڪڙجي ويئي
شفق ڳند جي پيو
چُپِ
چپ چرن ئي نہ
کنهن اڻ ڇاڻ ڊپ وڇان

رات کي ڪونہ لاءِ
آواز ئي نہ نڪري
ڊپ ۽ هراس وچان
ڏينهن متان اينگهجي پوي
ٻار آخر ٽڪجي
غصي ۾
مس جي ڪپڙي اوتي چڙهي
۽ ڏنگائي لڪائڻ لاءِ
ٿهڪن جا ٽڪرا تارن جيان پکيڙيندو
ڊوڙندو ويو.
ڪوتا
مون ڏانهن هلندي آئي.

☼

※

گھوڙا وڪڻي سمھيو آھي
پيرين پنڌ
ماڳ واپس ورڻ جي
ٿڪاوٽ
ھيبت
جي احساس وچان .

※

*

رنگا رنگي
خوابن سان کيسا پري
اچي بيٺس
صراف سامهون
خوابن جي بدلي ڪي
جاڳندڙ پل ڏي
جيل جي سزا
ڀوڳي رهيو آهيان.

*

※

هڪ ڀار
ڪاٺ جي ڏڪڻي گهوڙي تي ويهي
ڇهبڪ
هٽندي چوي
جلد هل . . .
ٽڪ . . ٽڪ . . ٽڪ . .ٽڪ
جلد هل. .
ائين لڏندو رهي
مرڪندو رهي
سامهون آئينو
منهنجو ٻالپڻ .

※

✻

ڪنهن رات
ڪلي آسمان هيٺ ويهي
توتارا ڳڻيا آهن؟
رسيس مهل اسڪول جي ميدان ۾
ٻار الڳ الڳ جهنڊ ٺاهي بيٺا هجن
ڪڏهن ڪو انتر مکي ٻار
اڪيلو
ڪنڊ ۾ بيٺو سڄو تماشو ڏسي
ڪنهن ويڙهاند ۾
منهن نہ ڏيئي سگهڻ جي حالت ۾
ڪو گيدي ٻار
پيچ پائي پڇي وڃي.
تو ڪڏهن سانت آسمان جو
گهرو مڏر سنگيت ماڻيو آهي؟
نہ منهنجا دوست
مون وٽ آسمان نہ آهي
ڇاڪاڻ جو مون وٽ ڌرتي نہ آهي .

✻

*

اڄ تہ نچون
اڄ تہ اڄ تون ۽ مان
نچون!

کيرڏارا جي پيچڙين کي
گهنگهرو ٻڌائي نچون
مندن جي تال تي
نچون!

بهار جي هيرسان
اونهاري جي لڪن سان
برسات جي وسڪارن سان
سرءُ جي پن ڇڻ سان
نچون.

سقراط جي زهر سان
عيسيٰ جي صليب سان
منصور جي صدا سان
گوتم جي مرڪ سان
نچون!

اجنتا جي چترن سان
ايلورا جي بتن سان
ڪاشيءِ جي گهندن سان
پرلئہ جي ڊمروءَ سان
نچون!

سهڻيءَ جي تک سير سان
ٿر جي پٽن سان
سئسيءَ جي جبل سان
مومل جي ڪاڪ سان
مارئي جي اڪيرسان
موهن جي دڙي جي نرتڪيءَ سان
نچون !

اڄ تہ نچون
اڄ تہ اڄ تون ۽ مان.
نچون!

※

سورج
پنهنجي سونهري ڏاڳن سان
پرٿوي کي
هندوري ۾ لوڏائي

ڪا ماءُ صبح جو
پنهنجي ٻار کي جاڳائي
۽ ٻار ماءُ ڏانهن نهاري
ٻهرين مرڪ
جو آنند ڦهلائي

ساون ڪيتن مان
ڦهلهجندڙ رنگن جو سنگيت !

ڪوهه تي پاڻي پرينڊڙ
البيلين ۽ نورنين
جي ڇيڙ
جگلبندي !
(سنتور تي پنڊت شوڪمار شرما جو راڳ اهير ڀيروءَ)

※

ڪڏهن زندگي
ڪنهن قابل ڪاتب جي اکرن جيان
چٽي پٽي نظر آئي
رنگ ڪنهن گهري گهاو جا زخم وڃڻ
ياد جيان امٽ هئا.

اڄ لڳي رهيو آهي
ڪنهن زماني ۾ ڪا لکيل ڪوتا
ڪيترين برساتين ڪيسي ۾ ڌوپجي ويئي آهي
پڙهڻ جي
ڪوشش ڪري رهيو آهيان.
ڪجهه صاف چٽو نظر نٿو اچي
ڪاغذ جي ٻئي پاسي عبارت جي اکرن کي
ابتو پڙهڻ سان
ڪجهه پلئه پئجي ٻه وڃي

*

تڪڙ ڪم شيطان جو
مان ڪڏهن تڪڙ نہ ڪريان
شيطاني چڪر کان بچان
سدائين
ترتان گسان
سو چوٽون ڪانوان

*

※

ڪڏهن ڪو قصاگو
ڪو قصو
هن ريت ڪٿي
"هڪ بادشاه هو
ڏاڍو غريب هو"
تہ پڪ ڇاڻج
منهنجو ئي قصو
دهرائجي رهيو آهي.

※

※

ستڻ منجهيل آهي
پر
ڏاڍا رنگبرنگي
سُلجهائيندي
س ل جها ئيندي
وقت
سُنو پاس ٿي ويندو.

※

*

هنجو ۽ منهنجو رشتو

هو چوي "ڏاڏا"

۽ مان چوان "ها پٽ"

اڳيئن سال اوچتو

در وٽ بيٺو هو

پنهنجي ننڍڙي هٿ سان

منهنجي آڱر پڪڙيائين

چانئٺ اورانگهي اندر آيو

ڄڻ خوشي

موج مستيءَ

جو ماحول

گهر جي درين دروازن کي ڇُهي

هليو آيو

شرتي سندس ڪڪن وارن کي

هٿ لڳائي چوي، "تنهنجي چوٽي ڪٿي ؟"

هو روئڻ شروع ڪري ۽ ضد ڪري

" چوٽي واپس ڪر"

اڻين ڪڏهن سندس نڪ، ڪڏهن چوٽي

شرتيءَ جي ڀرس ۾

سندس روئڻ شروع

جڏهن مٿي تي هٿ رکيس
يا نڪ تي
ڪيس پڪ ٿئي ته

چوٽي /نڪ
ڪيس واپس مليو آهي
پوءِ سندس مرڪ، سندس ٺهڪ
اڇوتا بلڪل نوان
تازا ۽ ڇلڪندڙ
هڪ سال ۾ ڪيڏو نه وڏو ٿي ويو آهي
(مان پڻ ايڏوئي وڏو ٿيو آهيان؟)
رئڪيٽ ڪٺي آيو
مون سان راند ڪر،
نه ته رئڪيٽ جي مار کائُ،
ايلاز ڪري جند ڇڏايم
مونکي پنهنجي واچ هيٺ ڦٽي ڪرڻ ڏي
يا
مون سان راند ڪر،
چڱو، ڀلا ٽيليفون ٽوڙڻ ڏي،

آخر

ڪلهن تي ڪنيومانس

ڇي

تڪڙو ڊوڙ ...

تڪڙو ڊوڙ ...

تڪڙو ڊوڙ ...

ڪوشش ڪريان پيو.

⁂

*

هن جو ضد ـ مونکي پڻ وڻي هل
اڄ توکي ٻاهر وڃڻ نہ ڏيندس،
ائين،
منهنجي آڱر سندس ننڍڙي هٿ ۾
ڦٽ ڇاٽ تي اچي ـ هٿ ڇڏائي
تڪڙي ڊوڙ
اڳيان مان پٺيان
هن جا ٺهڪڙا
منهنجا اونها ساهہ ـ سهڪو
هنج کنيو مانس،
وري هيٺ لاهڻ لاءِ ايلاز
سندن ڪرائي هٿ ۾ پڪڙيل
گهر ۾ گرمي،
سندس طوطلي زبان مان
سوالن جو نہ کٽندڙ سلسلو،
رستي تي هڪ مئل ڪانو،
زور سان هٿ ڇڏائي سندس ٻيهجي وڃڻ
ڏاڏا ! توکي خبر آهي
هيءُ ڪانو منهنجو ڏاڍو سٺو دوست آهي
روز منهنجي دريءَ تي اچي

مون سان خوب ڳالهيون ڪندو آهي
پري - پري - تمام پري هليو ويندو آهي
هائي مون سان ڇو نہ ٿو ڳالهائي؟
تڪجي پيو آهي؟
گهر ڪٿي هلونس،
وراڻيم
هيءَ تہ مري ويو آهي،
تنهنجو سوال
ڪنهن ماريس
گرميءَ
مان گرميءَ کي چاقوءِ سان
نہ بندوق سان
نہ مشين گن سان
ماريندس
"سزا ڏيڻ جو ڪم پوليس جو آهي"
تنهنجو فيصلو ،
پوليس وارو ٿيندس،
جڏهن پوليس ڏسي سلام ڪري
روز ضد ڪري
"پوليس جي جيب وٺي ڏي".
⁂

✻

ڏاڏا! مونکي پاڻ سان وٺي هل
مان ڏاهو ٿيندس
ڪيئو نہ ڪندس
توکان ڪجهہ بہ نہ گهرندس
"دس - بيس" واري دڪان تان
ڪوبہ رانديڪو وٺڻ لاءِ ضد نہ ڪندس
رستي تي ور ور ڪري چوي
مان سٺو ٻار آهيان
مان ڪجهہ بہ نہ گهرندس
مان ڪجهہ بہ نہ وٺندس
آخر هڪ رانديڪن جي دڪان سامهون
سندس قدم
سست
ڏاڏا مان رانديڪا نہ وٺندس
پر دڪان اندر وجي رانديڪا ڏسڻ ڏي
دڪاندار کي چوي
مان رانديڪا نہ وٺندس
مان ڏاهو ٻار آهيان
صرف ڏسندس ڪئين هلندا آهن

آخر

ڏاڏا ھي راندڪو وٺي ٿو

توکي وٺي ٿو.

مختصر جواب

ھا - مختصر

تہ ڏاڏا تون ڪٺي وٺ

راند ڪندين ڏاڍو مزو ايندو.

⁂

*

ريس جي ميدان تي
هڪ اڪيلو گهوڙو
ڊوڙي رهيو آهي
خوب ڊوڙيو آهي
آخر
ٿڪجي بيهي رهيو آهي
"هو" ڪيس چئي رهيو آهي
تون ڪيترو به ڊوڙين
اڪيلو گهوڙو ڊوڙڻ سان
پهريون نمبر
نہ
اچي سگهندين .

*

※

خلائن جو سنگيت
ٻڌڻ لاءِ
گھري سانت کپي
اندر جي عميق ۾
جھاتي پائڻ،
پاڻ سجائڻ جي ڪوشش
بن، جھنگل ڀٽڪڻ
جبلن جي چوٽين کي ڇهڻ
غفائن ۾ پاڻ بند ڪرڻ
اهي سڀ سانت مائڻ لاءِ
راهون ٿي سگھن ٿيون
پر مونکي هڪ ٻي
رستو مليو آهي
خلائن جي سنگيت ٻڌڻ لاءِ
ڪنهن ٻار کي ننڊ ۾
سهاني سپني ڏسندي
جڏهن مرڪ ُهن جي چپن تي
تري ايندي آهي
ان وقت مان خلائن جو
سنگيت ٻڌي وٺندو آهيان.

※

ڏاڏا،
اسان جو ننڍو ٻيبو تمام گندو آهي
تون ڪيس متان پيار ڪرين.
رات جو ٻه ڪنهن ڪي سمهڻ نه ڏيندو آهي
سو - سو، ڇيڇي بستري ۾ ڪندو آهي
ڏاڍو گندو آهي/تون متان ڪيس پيار ڪرين.
مون سان راند ٻه نه ڪندو آهي
ڳالهائيندو ٻه نه آهي
صرف پيو روئندو آهي
ڪيس صرف دودو ڪپي
ڏاڏا ممي هاڻي مونکي پيار نه ڪندي آهي
هن کي ئي ڪندي آهي.
ننڍو ٻيبو تمام گندو آهي
تون متان ڪيس پيار ڪرين
مان ڪيڏو نه ڏاهو ٿي ويو آهيان!

ننڊي هوندي راند ڪبي هئي
پٽ پٽاٽي
سرمي داٽي
ري منڊئيڙو
تنهنجو نگر ڪهڙو؟
جهٽ پٽ جواب
منهنجو نگر .....
منهنجو نگر ڪهڙو ؟

موهن گيهاڻيءَ جون هيءَ ڪوتائون، ساهتيہ ۾ وري هڪ موڙ بڻجي آيون آهن. اچو تہ نئين هبڪار کي خوش آمديد چئون، پيار، قرب، کي پاونائون، کي پنل گهڙيون ٿي آهن. کي بہ حدون ڪونهن. گر ٿي وجبو آهي. موٽي اچبو آهي چرڪ پري.

چائنٽ تي بيهي، ڪرٽن کي اندر اچڻ لاءِ، ڪنڌ جي لوڏ سان سڏي وٺون. ننڊڙا ننڊڙا سهٽا پکي ٽپ ٽپ ڪري ڪڏندا آهن. پوءِ اڏري ويندا آهن. رنگ پکيڙي ويندا آهن. ڪڏهن هڪ منو ٿي، شونيہ ۾ ڏسندو رهڻ کي بہ، پنهنجو لطف ٿيندو آهي، جڙي وجبو آهي شانت آراڌنا سان. توهان ڪوتائون الائي ڪئن پڙهندا آهيو. زندگيءَ کي ماڻڻ جا مزاج بہ الگ الگ ٿين.

سنگيت ۽آلاپ، خلائن ۾ سمائجي ويندو آهي. لفظن کي ڇهي سگهڻ جي سگهہ ايتري آهي، ڪو پولار جڙي پوندو آهي. بوند بوند وڏ ڦڙو وسڻ لڳندو آهي. ڪنڌن وٽ اکين جي آلاڻ سڪ ڏيندي آهي.

**ارجن حاسد**